# تفسير بابت سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جا رايا

بِاسۡمِهٖ تَعَالیٰ

جَمِیۡعُ الۡعِلۡمِ فِی الۡقُرۡآنِ لٰکِنۡ
تَقَاصَرَ عَنۡہُمۡ اِفۡهَامُ الرِّجَالِ

**سدا قرآن جي رحمت جي ڇانو ۾ هجو!**

**محترم مفسر قرآن غلام حسين مشتاق، سچاروي صاحب**

**السلام عليڪم**

**احوال تہ بزرگ نبي بخش پنهور جي هٿان اوهان جو تفسير مليو، مهرباني. رمضان المبارڪ ۾ پڙهي، اوهان لاءِ دل مان دُعائون نِڪتيون! اهو علمي ڪم گهڻو اڳ ۾ ٿيڻ کپي ها. زندگيءَ تي ڀروسو ناهي، بقول شيخ سعدي:**

جوانی شد و زندگانی نہ ماند!

**بهرحال وري بہ اوهان کي صد آفرين آهي، جو اهڙو سهڻو جديد ۽ تحقيقي انداز ۾ پيارو تفسير لکيو اٿو ۽ تحقيق جو حق ادا ڪيو اَٿو. ان شاءَ الله تعالیٰ روبرو ان تحقيقي ڪم تي اوهان جي دست بوسي ڪبي ۽ مبارڪون بہ ڏبيون!**

**سڀ ڪم ڇڏي، ان تفسير کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. اهو لافاني ڪم آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڇوٽڪارو جو ثمر آهي. بارڪڪم الله في علمڪ وعملڪ.**

**استاد سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي پروگرامن ۾ ملاقات ٿيندي رهندي هئي،**

پر ويجهڙ ۾ اچڻ ڪونہ ٿيو آهي، ان ڪري ديدار جي تات طلب بہ رهي ٿي.

منهنجو قرآن جو سنڌي ترجمو تاج ڪمپني لاهور شايع ڪيو آهي. دعا ڪندا تہ قرآن جي صدقي دين دنيا ۾ ڀلائي نصيب ٿئي!

گر همی خواہی مسلمان زیستن
نیست ممکن جز بقرآن زیستن

(اقبال ﷫)

دعائون دائم محبت قائم

**عبدالرسول قادري**
معرفت سيد علي احمد شاهہ دڪاندار
سامهون عيدگاهہ گيٽ- سڪرنڊ
ضلعو شهيد بينظير آباد (نوابشاهہ)

6 مئي 2024ع
دڙي مگسي، سڪرنڊ

●●●

بِاسْمِهٖ تَعَالیٰ

سَلَامُ اللهِ مَا کَرَّ اللَّیَالِیْ
عَلَی الْملكِ مَکَارِمِ وَالْمَعَالِیْ

بہر جاکہ ہاشمی خدا یار تو
محمد ہمیشہ نگہدار تو

سچاروي مدظله الباري.. سلامت هجو شال!
محترم المقام صاحب دور الاحترام قبله ڪپتان غلام حسين صاحب
السلام عليڪم والاشتياق اليڪم ورحمة الله وبرڪاته

(1) جناب عالي! اوهان صاحبن پاران اماڻيل تحفو پهتو، انهيءَ ڪرم نوازيءَ لاءِ ممنون و مشڪور آهيان. الله تبارڪ و تعالیٰ اوهان صاحب ڪي صحت ۽ سلامتي ۽ زور قلم عطا فرمائي. (آمين)

(2) اوهان جو هيءُ بنهه انمول ۽ مايه ناز تحفو بنام: ”شرح البيان في فهم القرآن“ جلد اول هن ناچيز کي رَسيو، انهيءَ ڪرم نوازيءَ ۽ ان نوازش لاءِ نهايت ٿورائتو آهيان.

(3) پهرئين جلد ۾ اوهان پهرئين پاري کان وٺي ڇهين پاري جي سورة النساءِ تائين قرآن ڪريم جي آيات ڪريمه جي جيڪا عام فهم ۽ آسان انداز ۾ تفسير ۽ تشريح ڪري، هڪ ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، انهيءَ جي تعريف ۽ توصيف هي بي مايه انسان ڪهڙن لفظن ۾ ڪري سگهي ٿو؟

(4) سچاروي صاحب بذات خود هڪ عالم، فاضل، مُفسّرِ قرآن، شاعر هئڻ سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسيءَ تي عبور رکندڙ صاحبِ علم وعرفان آهن. سندن جهڙيءَ ريت ظاهري طور زبان ۾ شيرني آهي، اهڙيءَ طرح باطني روحاني ميناج پڻ رکن ٿا. هيءَ املهه ۽ اڪيچار گڻن ڀريو سندن پورهيو مطالعي ڪرڻ سان انسان جي عقل ۽ فهم جا دريچا وَا ٿي وڃن ٿا. ترجمي ڪرڻ دوران پاڻ نهايت احتياط کان ڪم ورتو اٿن. مندرجه ذيل ڳالهيون مَنَ ۾ رکي گهري مطالعي کان پوءِ ئي هن ڪم کي پايه تڪميل تي پهچايو اٿس،

جنهن لاءِ تمام گهڻو جس لهڻي. دعا آهي ته مالڪ مولىٰ شال کين زندگي ۽ ڪامل صحتيابي عطا فرمائي ته جيئن سندن هٿان هيءُ عظيم ڪم مڪمل ٿئي. (آمين)

(5) سائين غلام حسين "مشتاق" سچاروي صاحب پنهنجي هن تصنيف ۾ مندرجه ذيل ڳالهين کي مدنظر رکيو آهي:

(الف) قرآن ڪريم جو تمام سليس ۽ عام فهم سنڌي ترجمو اختصار، پر جامع انداز ۾ لکيو آهي، جنهن ڪري هر عام و خاص هن ترجمي کي آسانيءَ سان پڙهي ۽ پروڙي سگهي ٿو.

(ب) قرآن ڪريم جي آيتن، تشريح ۽ ترجمون نه صرف عام فهم آهي، بلڪه آيتن جي ترجمي سان گڏوگڏ انهن آيتن جي تشريح به وڏي فصاحت ۽ بلاغت کان سواءِ انهن آيتن جي تشريح ڪي وري قرآن ۾ آيل ٻين آيتن جو تقابلي جائزو به پيش ڪندي، وري احاديث ڪريمه جا ثبوت ۽ دليل پڻ ڏنا اٿس، جنهن ڪري قرآن فهميءَ ۾ مزيد آساني ٿئي ٿي.

(ج) هن "شرح البيان في فهم القرآن" جي ٽين خوبي اها آهي جو سچاروي صاحب پنهنجي انداز تحرير کي ڪجهه ان طرح لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن عام قاريءَ کي مطالعي دوران بوريت جو شڪار نه ٿيڻو پوي، ان ڪري هن صاحب تحرير ۾ رواني ۽ تسلسل و ربط و ضبط ۽ دلچسپيءَ وارو رجحان پيدا ڪرڻ خاطر روايتي انداز اختيار ڪيو آهي. پڙهڻ دوران ائين لڳي ٿو، ڄڻ پاڻ گفتگو ڪري رهيا هجن.

(د) تشريح ۾ پڻ اهو طريقو اختيار ڪيو آهي، جو ڏکين لفظن جي تشريح ۾ آيتن ۾ ڪتب آيل الفاظن جي اشتقاقن ۽ مادن جي تشريح به ڏاڍي سهڻي اسلوب سان ڪئي اٿس. انهن ۾ مختلف تفسيرن ۽ آيتن جا حوال استعمال ڪيا اٿس، جنهن مان به عام قاري گهڻو مستفيد و مستفيض ٿي سگهي ٿو.

(هـ) قرآن پاڪ جي اسلوب بيان کي وڌيڪ دلچسپ بنائڻ لاءِ ان جي تشريح اندر گاهي بگاهي عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي شعر ڏئي ڪري، جاذب بڻايو اٿس. عربي ابيات ۾ علامه بوصيري ﷫ جي قصده برده شريف، مولانا رومي جي بيتن، سنڌ

جي سداحيات صوفي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ علیہ ۽ علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ جي اردو ۽ فارسي شعرن سان مُزيّن ڪيو اٿس، جنهن ڪري قرآن مجيد فرقان حميد کي سمجهہ ۾ وڏيڪ سهولت محسوس ٿئي ٿي.

(و) هن شرح البيان في فهم القرآن” جي اندر شارح موصوف لفظن جي معنىٰ ۽ ان جي مفهوم ۾ تمام ڀلوطريقو اختيار ڪري، هڪ جَٽَ ۽ گهٽ پڙهڻ واري کي بہ سمجهڻ جي راهہ ڏيکاري اٿس، جنهن مان سندن علمي تبحّر جي ڄاڻ ملي ٿي ۽ وسيع گهري مطالعي جي خبر پوي ٿي. لڳي ٿو پاڻ سالن جا سال مطالعي بعدئي پنهنجي هن پورهئي کي پايہٴ تڪميل تي پهچايو آهي.

(ز) سائين سچاروي صاحب (مدظله العالي) جن پنهنجي هن ڪاوش کي مُدلّل بڻائڻ لاءِ 23 مختلف تفسيرن، فارسي، اردو، عربي ۽ سنڌي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن.

سورة الفاتحه کان سورة النساءِ جو ترجمو ۽ تشريح واري ڪم کي گلاسڪو اسڪاٽليند، برطانيہ ۾ تاريخ 25 مئي 2022ع تي لکي، هن ضعيف العمري ۽ بيماريءَ واري حالت ۾ بہ پورو ڪيو. اهوسندن عشق ۽ جذبو هو، جيڪو ڪانئس رب ڪريم پنهنجي رضا سان ڪرايو. بقول محترم عزيز جعفراڻيءَ جي:

“ڀلَ هجن جذبا جوان، پر جسم پوڙهو لڳو”

سائين سچاروي صاحب هن کان اڳ بہ ڪافي ڪتاب لکي، علم و ادب جي آبياري ڪئي آهي. الله رب العالمين جي بارگاهہ ايزديءَ ۾ دعا آهي تہ مرد مجاهد ۽ عاشقِ رسول ڪريم رئوف رحيم (خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم) کي پنهنجي محبوب امين، رسول رب العالمين، و رحمة للعالمين خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي طفيل اجا بہ زور قلم عطا فرمائي ۽ کين صحت ڪامله عطا فرمائي. (آمين) الله ڪري هن ناچيز جو ڪجهو ڦڪو لکيو مانَ مانائتو ٿئي. سائين جن جي مهرباني جو مون ناچيز کي ڪجهہ لکڻ جوحڪم فرمايو. الله پاڪ کين خوش رکي. آمين ثم آمين.

25 جون 2004ع

خادم العلم - احقر العباد

**حافظ حبيب سنڌي**

تعلقہ شاهبندر، ضلعو ٺٽو

بِاسۡمِهٖ تَعَالیٰ

بخدمت اقدس محترم غلام حسين سچاروي صاحب

السلام عليڪم

بعد از سلام مسنون خيريت مطلوب بطرفين...!

المرام تہ "شرح البيان في فهم القرآن" مطالعي مان گذريو ۽ تفسير بيضاوي ۽ تفسير جلالين پڙهائڻ وقت زير مطالعہ رهيو ۽ بهترين مُعين ۽ مُمِدّ ثابت ٿيو. الله پاڪ اوهان ڪان قرآن مجيد جي خدمت وٺي ۽ عصر حاضر جي نوجوانن ڪي استفاده جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

خادم العلم

**نورمحمد قِراني**

خادم جامعة العلوم العثمانيه

ڳوٺ عمر پنيرو، تعلقو پٿورو

ضلعو عمرڪوٽ

30 جون 2004ع

---

مولانا نورمحمد قِراني صاحب جن مرحوم حضرت مولانا محمد عثمان قِراني ﷫ جي ٽين پيڙهيءَ جو سرچشمو آهن. قِراني صاحب پنهنجي وقت جو مشهور عالم هو، جنهن جو مدرسو شادي پلي ۽ عمرڪوٽ جي وچ ۾ آهي. اڄ بہ اهو مدرسو جاري آهي، جنهن ۾ درس نظامي ۽ حفظ قرآن جي تعليم ڏني پئي وڃي. هيءُ مدرسو چند گهرن تي مشتمل هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ علم جي شمع روشن ڪري رهيو آهي. هن جا منتظم نهايت مسڪين، غريب، ضرورتمند ۽ توڪل علي الله جي توفيق سان هن مدرسي کي آباد ڪيو وينا آهن. الله سائين ڪين آباد رکي. (غلام حسين سچاروي)

---

بِاسْمِهٖ تَعَالیٰ

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْاَنْبِيَآءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰی آلِہٖ وَصَحْبِہٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ!

قرآن ڪريم سموري انسانيت جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ ايڏو وڏو انعام آهي، جو دنيا جي ڪابہ وڏي کان وڏي دولت سندس همسري نہ ٿي ڪري سگهي. هي اهو لاريب الهامي ڪتاب آهي، جنهن جي تلاوت ڪرڻ، جنهن ڪي ڏسڻ، ٻڌڻ، ٻڌائڻ، سکڻ، سيکارڻ، جنهن تي عمل ڪرڻ ۽ جنهن جي جهڙي بہ حيثيت سان نشرواشاعت جي خدمت ڪرڻ دارين جي عظيم سعادت آهي. هي ڪتاب مقدس هرلحاظ کان سراپا اعجاز آهي، انهيءَ جو هر رُخ ايترو تہ دلڪش ۽ دلربا آهي، جوپڙهڻ واري کي مسحور ڪري ٿو ڇڏي، انهيءَ ڪري جڏهن کان هن ڪتاب مقدس جو نزول ٿيو تہ انهيءَ پنهنجي فطري جاذبيت کان نوع انسان جي هر طبقي مان سنجيده ۽ ذهين افراد کي پنهنجي طرف متوجّہ ڪيو. انهيءَ ڳالهہ ۾ قطعًا ڪو مبالغو ناهي تہ قرآن ڪريم جي باري ۾ جيترو لکيو ويو آهي، ايترو ڪنهن بہ ڪتاب يا ڪنهن موضوع تي نہ لکيو ويو آهي. هرڪ پنهنجي علم ۽ عرفان، فڪر ۽ فهم مطابق خدمت ڪئي ۽ پنهنجي لاءِ باعث عزّت ۽ سعادت سمجهي، هن بحر بي ڪنار ۾ غواصي ڪري، غوّاصيءَ جو حق ادا ڪيو. هرڪ شخص پنهنجي همت مطابق انمول موتين مان پنهنجيون جهوليون ڀريون، پر انهيءَ جي معارف جا خزانا جيئن جو تيئن ڀريل آهن. انهيءَ جي اسرار ۽ رُموزن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪَمي نہ ٿي، جن بہ انهيءَ گلستانِ معنیٰ ۾ گُل چونڊيندي چونڊيندي عُمريون صَرف ڪري ڇڏيون. انهن بہ اهو ڪڏهن نہ چيو تہ اسان سمورا گل چونڊي ڇڏيا آهن، بلڪ سمورن بلا تامّل هي اعتراف ڪيو:

داماں نگاه تنگ و گل حُسنِ تو بسیار
گل چین نواز تنگئ داماں گله دارد

قرآن ڪريم جي علمي تفسير تي عربي زبان ۾ تہ تمام وڏا جامع تفسير لکيا ويا آهن، جن ۾ عرب عالمن کان سواءِ عجمي عالمن بہ عربي زبان ۾ تفسير لکي پنهنجي علمي ڌاڪ مڃائي آهي. ارغون، ترخان، ٽالپور ۽ انگريزن جي دؤر تائين سنڌ جي عالمن عربي ۽ فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تفسير لکيا آهن. موجوده دؤر جي سنڌي تفسيرن ۾ سنڌ جي ڄاتل سڃاتل

مايہ ناز عالم ۽ خطيب حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب ”احسن البيان في تفسير القرآن“ مڪمل نون جلدن ۾ اداره خدمة القرآن والسنة شاهپورجهانيان ضلع نوابشاهہ جي طرفان شائع ڪرايو آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌي زبان ۾ اهڙو جامع تفسير هن وقت تائين مارڪيٽ ۾ نہ آيو آهي.

تازو لائق محترم غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب جن جو لکيل تفسير ”شرح البيان في فهم القرآن“ جو پهريون جلد، جيڪو هڪ منزل تي مشتمل آهي، شايع ٿي چڪو آهي. سچاروي صاحب جو هيءُ تفسير ٻين سنڌي تفسيرن کان منفرد انداز ۾ لکيو ويو آهي. ترجمو ۽ تفسير تمام سهل ۽ آسان انداز ۾ لکيو ويو آهي، جو پڙهندڙ آسانيءَ سان قرآن جي پيغام کي سمجهي وڃي ٿو ۽ مونجهاري جو شڪار نہ ٿو ٿئي. سچاروي صاحب قرآن جي پيغام کي عام قاريءَ کي سمجهائڻ جي لاءِ تفسير ۾ قرآني آيتن ۽ حديثن کي اهڙي طريقي سان پيش ڪري ٿو، جڻ تہ هڪ تسبيح ۾ موتين جي داڻن کي پوئي ڇڏيو آهي، جنهن سان قاريءَ کي عبارت پڙهڻ ۾ هيناهين مٿاهين جهول محسوس نہ ٿو ٿئي. اها عبارت آرائيءَ جي ڏات ڏاتر جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي ڏئي، ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

این سعادت بزور بازو نیست
تا نہ بخشد خدائے بخشندہ

سائين غلام حسين سچاروي صاحب جن کي قدرت واري نثر توڙي نظم ۾ لاجواب مَلڪو عطا فرمايو آهي. سندن نثري تحرير ۾ بہ سلاست، رواني ۽ ادبي چاشني لفظ لفظ ۾ بلڪل عيان نظر اچي ٿي. نموني طور هڪ مثال:

”ياد رکو تہ اوهان جي صبر، استقامت ۽ تعلّق بالله جي پوشيده صلاحيتن جي تعمير ۽ نشونما لاءِ جنگ جهڙن خطرن، بُک ۽ فاقه ڪشي جي صدمن، مال و دولت جي گهٽجڻ، انساني جان جي قرباني، ڦل ۽ ميون جي نقصان وارن سخت ۽ ڪٺن امتحانن مان گذرڻو پوندو. (العنڪبوت: 2/29) پوءِ صبر و استقامت، حوصلي ۽ همت سان رهڻ وارن کي فتح ۽ ڪامرانيءَ جي خوشخبري ڏي. هي اُهي خوشنصيب انسان آهن، جڏهن بہ انهن تي ڪا مصيبت يا ڏکيو وقت اچي ٿو تہ انهن جي سدائين اها صدا رهي ٿي تہ اهي ڏک ڏوجهرا، تڪليفون، مصيبتون، نفعا ۽ نقصان جيڪي الله جي راهہ ۾ آيا آهن، اڪين تي آهن. (الممتحنه: 5/60، 4) اسان جي هر شيءِ الله جي لاءِ آهي ۽ اسان انهيءَ واسطي ئي سندس

هرحڪم طرف رجوع ٿيندڙ آهيون. (الانعام: 63/6، التوبه: 59/9) اهڙين صفتن وارا ئي اُهي نيڪ بخت انسان اهن، جن تي الله جي لطف و ڪرم جا بيشمار انبار آهن. اهي ئي رحمت جا حقدار آهن ۽ اهي ئي پنهنجي مقصد حيات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ۽ڪامران آهن. (الاحزاب: 33/ 56، 43)

سِر ساندباڻ ڪري پچج گهر لوهار جو
ڏکن هيٺ ڏري، مان گڏينئي رُڪ سين.

(شاهہ)

آرام ۽ راحت واري حالت ۾ شڪر خداوندي ڪرڻ ۽ رنج ۽ تڪليف ۾ صبر ۽ الله جي مدد طلب ڪرڻ جو حڪم آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ مؤمن جو معاملو بہ عجيب آهي، خوشي پهچي ٿي تہ الله جو شڪر ڪري ٿو ۽ تڪليف اچي ٿي تہ صبر ڪري ٿو، ٻنهي صورتن ۾ خير آهي. (صحيح مسلم) خوشحاليءَ ۾ حرام، گناهہ ۽ ناجائز شين کان بچڻ بہ صبر آهي تہ ڏک، تڪليف ۽ آزمائش ۾ ضبط ڪرڻ بہ صبر آهي.

(شرح البيان في فهم القرآن ج1، ص 158)

يا وري مسلمانن جي وحدت ۽ دين اسلام جي اطاعت گذاريءَ ۾مسلم امت ڪي وحدت جو سبق ڏيندي سائين سچاروي صاحب پنهنجي نظم ۾ هن طرح پنهنجي درد کي پيش ڪري ٿو:

ڇڏ ڪفر جون فتوائون، مسلمان رهڻ ڏي
هن سادڙي انسان کي انسان رهڻ ڏي
اسلام جي نالي ۾ نوان فتنا نئين سج
اي شيخ! گنهگار جو ايمان رهڻ ڏي.

(مشتاق سچاروي)

مجموعي طرح محترم غلام حسين سچاروي صاحب جو هيءُ تفسير قرآن ڪريم جو خلاصو ۽ نچوڙ، سهل ۽ آسان انداز ۾ لکيو ويو آهي تہ جيئن هر ماڻهو ٿوري گهٽي علم وارو هن مان صحيح طريقي سان فائدو حاصل ڪري سگهي، ليڪن ڪٿي ڪٿي سائين غلام حسين سچاروي صاحب عالمانه انداز کي بہ اَپنايو آهي ۽ طوالت کان پڻ بچي نہ سگهيو آهي، جهڙيءَ طرح سورة الفاتحه جو تفسير يا ٻيون چند اهڙيون جايون آهن. منهنجي خيال ۾ اها بہ سائين غلام حسين صاحب جي مجبوري سمجهي وڃي، ڇوتہ علم واري جي علم جي ڇولي ڪڏهن سانوڻيءَ جي مُند ۾ مهراڻ جي موجن ۽ ڇولين وانگر هوندي آهي، ليڪن واحد

جي واکاڻ بہ ڪٿڻ واري نہ آهي.

ایں شرح بے نہایت کز حسنِ یار گفتند
حرفیست کز ہزاراں اندر عبارت آمد

محترم غلام حسين سچاروي صاحب جهڙيءَ طرح قرآن ڪريم جو تفسير بيان ڪندي، قرآني آيتن ۽ سورتن جي نمبرن جو حوالن ۾ اهتمام ڪيو آهي، جنهن ۾ آيتن جي آخر يا وچ ۾ انهن آيتن سان معنىٰ مفهوم ۾ ملندڙ ٻين قرآني آيتن ڪي حوالي طور پيش ڪيو ويو آهي، جيڪي ڪيترين ئي آيتن جا ڏهہ ٻارهن حوالا قرآن ڪريم مان چوندي ڏنا آهن، اهو نهايت وڏو تحقيقي ڪم سائين سچاروي صاحب جي نصيب ۾ آهي. ڪجهہ مشڪل آيتن تي تفسير قديم سان گڏ تفسير جديد جي روشنيءَ ۾ ان جو حل تلاش ڪرڻ بہ سندس خاصو آهي، ان ڪري اميد هئي تہ آندل حديثن جي ڪتابن، جلدن ۽ نمبرن جا حوالا بہ ڏئي ها تہ اڄ ڪلهہ جي دؤر ۾ مارڪيٽ ۾ ايندڙ تحقيقي ڪتابن ۾ هن تفسير جو شمار ٿئي ها ۽ پڙهڻ وارن ۽ تحقيق ڪرڻ وارن ڪي سهولت ٿي پوي ها ۽ انهيءَ سان تفسير جي معيار ۾ بہ ضرور اضافو ٿئي ها. بهرحال "لَا يُدْرِكُ كُلَّهٗ لَا يَتْرُكُ كُلَّهٗ" جي مصداق جيڪي ٿي ويو، سو بهتر، اُميد تہ بقايا جلدن ۾ انهن ڳالهين جو خيال رکيو ويندو.

محترم سائين غلام حسين سچاروي صاحب جن جي همت ڪي سلام آهي، جو پاڻ پيرانہ سالي جي هن عُمر ۾ هيڏو وڏو ڪم ڪيو اٿن. الله تعالىٰ سندن سعي ڪي قبول فرمائي ۽ باقي رهيل تفسير جي ڪم ڪي خير و خوبي سان پايہءِ تڪميل تي پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين ثم آمين بجاه سيّد المرسلين صلّي الله تعالىٰ عليه وعلىٰ آله واصحابہ اجمعين

ایں دعا از من و از جملہ جہاں آمین باد

دعاگو و دعا جُو

**فقير عبدالرزاق مهراڻ سڪندري**
خطيب جامع مسجد پوليس لائين
سانگهڙ، سنڌ

27 ذوالحج 1445ھ
مطابق 4 جولاءِ 2024ع
بروز خميس

# اَسماءُ النَّبی صلی اللہ علیہ وسلم

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سَیِّدُنَا مُحَمَّدٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا حَامِدٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا اَحْمَدُ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مَحْمُودٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا قَاسِمٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا عَاقِبٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا فَاتِحٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |
| سَیِّدُنَا شَاهِدٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا حَاشِرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا رَشِیْدٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مَشْهُودٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا بَشِیْرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا نَذِیْرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا دَاعٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |
| سَیِّدُنَا شَافٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا هَادٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مَهْدٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مَاحٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مُنْجٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا نَاهٍ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا رَسُوْلٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |
| سَیِّدُنَا نَبِیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا اُمِّیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا تِهَامِیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا هَاشِمِیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا اَبْطَحِیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا عَزِیْزٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا حَرِیْصٌ عَلَیْكُمْ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |
| سَیِّدُنَا رَؤُفٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا رَحِیْمٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا طٰهٰ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مُجْتَبٰى صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا طٰسٓ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مُرْتَضٰى صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا حٰمٓ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |
| سَیِّدُنَا مُصْطَفٰى صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا یٰسٓ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا اَوْلٰى صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مُزَّمِّلٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا وَلِیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مُدَّثِّرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مَتِیْنٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |
| سَیِّدُنَا مُصَدِّقٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا طَیِّبٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا نَاصِرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مَنْصُوْرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا مِصْبَاحٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا اٰمِرٌ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم | سَیِّدُنَا حِجَازِیٌّ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم |

# انتباھ

- وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللهِ جَمِيْعًا (النساء: 4/ 103)

ياد رکو تہ اوھان سڀ جا سڀ يک قدم ۽ يک آواز ٿي اجتماعي طور الله جي رسي يعني قانون خداوندي کي مضبوطي سان پڪڙيو. قرآن ڪريم مضبوط رسي آھي، جنھن کي سمورا گڏجي اتفاق ۽ اتحاد سان مضبوط پڪڙي رکو. فرمانبرداري ڪريو.

حضرت علي ﷺ کان حضور ﷺ جا اھي الفاظ نقل ٿيل آھن: ”وَھُوَ حَبْلُ اللهِ الْمَتِيْنُ“ (سنن ترمذي) قرآن ئي الله سان رابطي جو مضبوط ذريعو آھي. حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ کان روايت آھي تہ حضور ﷺ جن فرمايو: ”كِتَابُ اللهِ حَبْلٌ مَّمْدُوْدٌ مِّنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ“ (سنن ترمذي) الله جي ڪتاب (قرآن حڪيم) کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو، اھو ئي اھا مضبوط رسي آھي، جيڪا آسمان کان زمين تائين لڙڪيل آھي. حضور ﷺ فرمايو: ”اَبْشِرُوْا اَبْشِرُوْا فَاِنَّ ھٰذَا الْقُرْآنَ سَبَبٌ طَرْفُهٗ بِيَدِ اللهِ وَطَرْفُهٗ بِاَيْدِيْكُمْ“ (مسلمانو) خوش ٿيو، خوش ٿيو..! ھيءُ قرآن ھڪ واسطو آھي، جنھن جو ھڪ سرو الله جي ھٿ ۾ آھي ۽ ھڪ سرو اوھان جي ھٿ ۾ آھي. (بيان القرآن)

- وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا ھٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ○ (الفرقان: 25/ 30)

۽ رسول ﷺ خدا جي حضور ۾ چوندو تہ اي منھنجا پروردگار! منھنجي قوم ھن قرآن کي مھجور بنائي ڇڏيو ھيو. يعني رسول الله ﷺ الله عزوجل وٽ فرياد ڪرڻ فرمائيندا تہ مسلمانن ھن قرآن ڪريم کي پنھنجن خودساخته اعتقادن، خيالن، رسمن ۾ جڪڙي رکيو ھيو ۽ ان جي تعليم ڏانھن توجه نہ ڏنو ھيو.

- وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّنَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ○ (طٰہٰ: 20/ 124)

جيڪو منھنجي ذڪر (قرآن) کان منھن موڙيندو، تنھن لاءِ حياتي نھايت اھنجي ٿيندي. قيامت جي ڏينھن اسان ان کي انڌو ڪري اٿارينداسين (يعني سندن اکين جي بصيرت ڪسي ڇڏينداسين).

پر جيڪڏھن ڪو شخص قرآن کي دل سان سانديندي ۽ پاڻ کي قرآن جو مثالي انسان بڻائيندو تہ: وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا ھُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ○ (بني اسرائيل: 82/17) اسان قرآن کي نازل ڪيون ٿا، جو اھو (ساري جو سارو) مؤمنن لاءِ شفا ۽ دائمي بي پايان رحمت آھي، پر ظالمن (قرآن کان منھن موڙيندڙن) لاءِ نقصان ئي نقصان آھي.

- خوار از مهجوریِ قرآن شدی — شکوه سنجِ گردشِ دوران شدی
  ای تو شبنم برزمین افتندهٖ — در بغل داری کتابے زندهٖ (اقبال رحمة الله عليه)

(اي مسلمان!) تنھنجي ذلت ۽ خواريءَ جو اصل سبب ھي آھي تہ تون قرآن کان پري ۽ بي تعلق ٿي ويو آھين، پر تون پنھنجي ھن زبون حاليءَ جو الزام زماني جي گردش کي ڏئي رھيو آھين. اي اھا قوم! جيڪا ماڪ جي ڦڙن وانگر زمين تي پکڙي پئي آھي (۽ پيرن ھيٺ لتاڙي پئي وڃي) اُٿ، تنھنجي بغل ۾ ھڪ زندھ ڪتاب موجود آھي.